SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريه 1972

SINDH ACT NO XXIII OF 1972

اولهه پاڪستان جوا ـ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

THE WEST PAKISTAN PRVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 جي دفعه 2 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

4. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو واڌارو.

Addition of Sections 11-A and 11-B to West Pakistan Ordinance I of 1961

5. لائسنس جاري ڪرڻ.

Issue of Licence

6. قاعدن جوڙڻ جو اختيار.

Power to make rules.

7. سنڌ آردِيننس XXII مجريہ 1972 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance XXII of 1972.

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريہ 1972

SINDH ACT NO XXIII OF 1972

اولھ پاڪستان جوا ۔ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

THE WEST PAKISTAN PRVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ جنهن ذريعي ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 کي اهڙي نموني سان تبديل ڪيو ويندو جو ان کي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو وڃي.

تمهيد (Preamble)

اها تقاضا آهي تہ ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 ۾ تبديلي آڻي ان کي سنڌ ۾ لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو هيءَ صورت ونندو.

ان لاءِ هن ريت ايڪٽ جوڙيو وڃي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي اولھ پاڪستان جوا ۔ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

اولھ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 جي دفعہ 2 ۾ تبديلي.

Amendment of

2. ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 کي اهڙي نموني سان تبديل ڪيو ويندو جو ان کي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو وڃي. ان لاءِ

Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 196

تبديلي هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾ لفظ "صلاحيت" کي "لائسنس ذريعي قائم ٿيل ۽ هلندڙ ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ يا ڪيڊجندڙ راندين" لفظن سان بدلايو ويندو.

اولھ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ نمبر 3 ۾ شق (e) جي آخر ۾ ڏنل فل اسٽاپ، سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان بدلائي هي هيٺ ڄاڻايل شق وڌائي ويندي.

"(f) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس جو مطلب آهي اها خانگي جڳهہ يا ان جو حصو جيڪا راڳ رنگ يا ٿيٽر طور ڪم اچي، جنهن ۾ غير ملڪين جي لاءِ مختلف راندين ڪري سگهجن ۽ ان ۾ وندر روح جو اهتمام ٿيل هجي."

اولھ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو واڌارو.

Addition of Sections 11-A and 11-B to West Pakistan Ordinance I of 1961

4. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 11 ڪانپوءِ هيٺان نوان دفعہ شامل ڪيا ويندا:

"11_A حڪومت ٽوئرسٽ ڪامپليڪس جي قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ پنهنجن مقرر ڪيل شرطن تي لائسنس ڏئي سگهي ٿي.

11_B هن حڪم نامي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ سرڪار قاعدا ۽ قانون ناهي سگهي ٿي، خاص طور تي

(a) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس لاءِ لائسنس ڏيڻ جا شرط مقرر ڪرڻ

(b) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ داخلا ڏيڻ کي ضابطا ناهڻ.

(c) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ مختلف راندين

ڪرائڻ.“ 5. اولهه پاڪستان جوا۔ روڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	سنڌ آرڊيننس XXII مجريه 1972 جي منسوخي. Repeal of Sindh Ordinance XXII of 1972

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.